# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1983

# ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم

Amendment of Article 5 of P.O.No.5 of 1957

3. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 6_A جي ترميم

Amendment of Article 6_A of P.O.No.5 of 1957

4. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 9 جي ترميم

Amendment of Article 9 of P.O.No.5 of 1957

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1983

## ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983

## THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[2 جنوري 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

P.O جي 1957

2. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾، جنهن کي

| | |
|---|---|
| هن ڪانپوءِ بہ چاڻايل آرڊر سڏيو ويندو ان جي آرٽيڪل 5 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: | نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم<br>Amendment of Article 5 of P.O.No.5 of 1957 |
| (گورننگ باڊي جي جوڙجڪ)<br><br>"5. (1) گورننگ باڊي ڪمشنر ڪراچي ڊويزن، ڊائريڪٽر جنرل ۽ يارنهن ميمبرن تي مشتمل هوندي جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا، پر اهي يارنهن کان وڌيڪ نہ هوندا.<br><br>(2) ڪمشنر ۽ ڊائريڪٽر جنرل کانسواءِ بہ ڪل وقتي ميمبر هوندا، پر ٻن کان گهٽ نہ هوندا.<br><br>(3) حڪومت ميمبرن منجهان هڪ ميمبر کي گورننگ باڊي جو چيئرمين مقرر ڪندي.<br><br>(4) ڪو بہ سرڪاري عهدي جي حساب سان ميمبر مقرر ڪيو وڃي ٿو تہ سندس انهيءَ عهدي يا رتبي ڇڏڻ تي، هو ميمبر رهي نہ سگهندو." | |
| 3. چاڻايل آرڊر ۾، آرٽيڪل 6_A ۾، شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br><br>"(1) ڪمشنر ۽ ڊائريڪٽر جنرل کانسواءِ، هر ميمبر:<br><br>(a) ٻن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندو، جيستائين ڪيس اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي، ۽ ان کانپوءِ اهڙي عرصي يا عرصن لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو، پر هڪ وقت ٻن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو، هر معاملي ۾ جيئن حڪومت طئي ڪري. | P.O 1957 جي نمبر 5 جي آرٽيڪل 6_A جي ترميم<br>Amendment of Article 6_A of P.O.No.5 of 1957 |

(b) اهڙو معاوضو فيس يا الائونسز حاصل ڪندو جيئي قاعدن ۾ بيان ڪيا ويندا يا جيئن حڪومت طئي ڪندي؛

(c) اهڙا ڪم ۽ ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيون ويون هجن يا جيئن اٿارٽي کيس سونپي.

P.O 1957 جي نمبر 5 جي آرٽيڪل 9 جي ترميم

Amendment of Article 9 of P.O.No.5 of 1957

4.ڄاڻايل آرڊر جي آرٽيڪل 9 ۾ شق (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هئڻ گهرجي، اڻپوري ياڱي کي هڪ سمجهي ڳڻيو ويندو."

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**